SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 1989

# SINDH ACT NO.XIII OF 1989

# سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 1989

# THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 1989

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1982 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance V of 1982

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريہ 1989

# SINDH ACT NO.XIII OF 1989

# سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 1989

# THE SINDH CO_OPERATIVE HOUSING AUTHORITY (AMENDMENT) ACT, 1989

[8 آگسٽ 1989]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس 1982 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس 1982 ۾ ڪجھہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس 1982 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي (ترميم) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 27 جون 1988 کان نافذالعمل سمجهيو ويندو.

1982 جي سنڌ

2. سنڌ ڪوآپريٽو هائوسنگ اٿارٽي آرڊيننس، 1982

آرڊيننس V جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance V of 1982

جي دفعہ 6 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

“(2_A) حڪومت ذيلي دفعہ (2) تحت قدم کڻڻ کان اڳ سوسائٽي کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪندي؛

بشرطيڪ هنگامي صورتحال ۾، تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي تہ اهڙو موقعو ملتوي ڪيو ويندو پر ان کانپوءِ سوسائٽي کي اهو موقعو جيترو جلد ٿي سگهي فراهم ڪيو ويندو:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ جتي اهڙو قدم کڻڻ کان اڳ سوسائٽي کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو آهي، حڪومت اهڙا عارضي حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جنهن سان سوسائٽي طرفان ڪنهن غلط عمل يا اختيار جي غلط استعمال کي روڪي سگهجي، جيئن مناسب هجي.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**